قال الله تعالیٰ فی شانہم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ (القرآن)

وقال صلی الله علیہ وسلم اَصْحَابِیْ کَالنُّجُوْمِ فَبِاَیِّهِمُ اقْتَدَیْتُمْ اهْتَدَیْتُمْ (رزین)

# آئینۂ اعتقاد

## پاگوچوٹون

پ ۴ سورہ آل عمران آیت 195
پ 03 سورہ آل عمران آیت 17

صحابہؓ ہیں سارے نجوم ہدایت
بہ فیضِ کرم آفتاب محمدؐ

صدیقؓ عکس حسنِ کمالِ محمدؐ است
فاروقؓ ظل جاہ و جلال محمدؐ است
عثمانؓ ضیائے شمع جمالِ محمدؐ است
حیدرؓ بہار باغ خصال محمدؐ است

اسلامِ ما اطاعتِ خلفائے راشدینؓ
ایمانِ ما محبتِ آلِ محمدؐ است

جو چمک نگاہ عمرؓ میں ہے
جو تپش کہ قلب عمرؓ میں ہے
نہ وہ برق میں نہ شرر میں ہے
نہ وہ شمس میں ہے نہ قمر میں ہے

Scanned with CamScanner

باڳو چوٿون

# مقام صحابا ڪرام رضي الله عنهم اجمعين

الله تعالىٰ انسانن جي رشد ۽ هدايت لاءِ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام کان وٺي جو داعيان حق جو سلسلو شروع ڪيو هو. ان کي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي ذات گرامي ءَ تي ختم ڪري ڇڏيو. هن ڪري ته دين حق کي دنيا ۾ رائج ۽ غالب ڪرڻو هو. اهو درجي بدرجي پنهنجي حياتيءَ جون ارتقائي منزلون طئي ڪندو خاتم الانبياء حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي مبارڪ هٿن سان من ڪل الوجوه ڪامل ۽ مڪمل صورت ۾ پنهنجي حُسن ۽ جمال سان دائري شهود ۾ جلوه گر ٿيو. پهريون ته هي صورت حال هئي جو جڏهن الله تعالىٰ جو هڪڙو نبي پنهنجي تعليمات کان ماڻهن کي روشناس ڪري دنيا کان رخصت ٿيندو هو ته ان کان بعد ڪجهه عرصي تائين ماڻهو ان جي اصلي تعليمات تي عمل ڪندا رهندا هئا. پوءِ آهستي آهستي انهيءَ ۾ رسم ۽ رواج شرڪ ۽ بدعت جو ڪافي حصو داخل ٿي ويندو هو جنهن جي ڪري اصل دين بلڪل ئي مٽجي ويندو هو يا وري مسخ شده صورت ۾ باقي رهندو هو.

جڏهن وري الله تعالىٰ جي طرف کان هڪڙو ٻيو پيغمبر موڪليو ويندو هو. جو دين کي از سر نو زنده ڪندو هو. ۽ ان کي ان جي اصلي شڪل ۽ صورت ۾ ماڻهن جي سامهون پيش ڪندو هو. اهو سلسلو اهڙيءَ

طرح جاري رهيو جيستائين دين حق جي تڪميل جو وقت اچي پهتو. هيڏانهن انساني تهذيب ۽ تمدن ترقيءَ جا درجا طئي ڪندو هڪ مخصوص نقطه ڪمال تي پهتو ته الله تعالى پهريان سڀ ضابطا ۽ قاعدا منسوخ ڪري انسان جي لاءِ هڪ مڪمل ۽ آخري ضابطه حيات مقرر فرمايو ۽ ان کي ابدي ۽ دائمي شڪل ڏئي ڪري انسان جي حوالي ڪيو ۽ قيامت تائين زماني جي هٿ چراند ۽ انساني تحريفات کان ان جي حفاظت به پنهنجي ذمي ڪئي. هاڻي جڏهن دين حق بلڪل نه مٽجي سگهي ٿو ۽ نه ان جي اصلي شڪل ۽ صورت مسخ ٿي سگهي ٿي تنهن ڪري نبوت جو دروازو بند ڪيو ويو. جو ته جنهن ضرورت جي پيش نظر نبوت جو سلسلو جاري ڪيو ويو هو هاڻي ان جي ضرورت باقي نه رهي. الله تعالى جي آخري پيغمبر حضرت محمد صلى الله عليه وسلم پنهنجي ارشادات گرامي جي ذريعي ان ضابطه حيات جي مڪمل تشريح فرمائي ۽ پنهنجي عمل جي ذريعي ان کي عملي جامو به پهرايو. حضرت محمد ڪريم صلى الله عليه وسلم جي حياتي طيبه ۾ ته ڪنهن قسم جي اختلاف جو ڪوئي سوال ئي پيدا نه ٿو ٿي سگهي پر عين ممڪن آهي جو پاڻ سڳورن جي وفات کان بعد تشريحات ۾ يا بعض عبادتن جي عملي صورت ۾ ڪوئي اختلاف ظاهر ٿئي ته هاڻي انهيءَ اختلاف جي فيصلي لاءِ ڇا صورت ٿي سگهي ٿي.

انهيءَ اختلاف کي ختم ڪرڻ لاءِ صرف هڪ ئي طريقو ٿي سگهي ٿو. اهو هي آهي جو مختلف شقن کان جا شق حضرت محمد صلى الله عليه وسلم کان منقول هوندي اها ئي صحيح هوندي ۽ ٻيون سڀ غلط پر ان ۾ هڪ ئي دقت آهي ته جن به ٻن ماڻهن جي وچ ۾ اختلاف آهي انهن

آهن انهن جو حق مرڻ تائين اسان لاهي نه سگهندا سون. اهي حضرات رسول الله صلى الله عليه وسلم جي نبوت جا شاهد آهن ۽ معجزات جا گواه ۽ قرآن مجيد جا ناقل ۽ اسلامي تعليمات جا راوي آهن. جيڪڏهن انهن کي سبّ ۽ شتم سان ياد ڪبو ته انهن جي غالب اڪثريت کي اسلام کان خارج ۽ اسلام جو دشمن ۽ اسلامي تعليمات جو ميٽيندڙ چئبو ۽ قرآن جي تحريف ڪندڙ مجبو ته اسلام باقي ڪيئن رهندو. انهيءَ واسطي رب العزت جو عالم الغيب والشهادة آهي پنهنجي غير متبدل قرآن ۾ انهن جي اوصاف جو صاف الفاظ ۾ اعلان فرمايو تان جو ان جي پڙهڻ کان پوءِ ڪوئي حيادار انهن بزرگن جي خلاف لب ڪشائي جي جرأت نه ڪري سگهي.

## صحابيءَ جي تعريف

جنهن شخص ايمان جي حالت ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي حياتيءَ ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي وفات کان اڳ ۾ بيداريءَ سجاڳي ۾ ڏٺو. يا رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم ان کي ڏٺو (جيئن عبدالله بن ام مڪتوم) ۽ اهو شخص پوءِ ايمان سان لئي مئو. اهڙي شخص کي اصطلاح ۾ صحابي چوندا آهن.

**خلاصو** هي آهي ته صحابي هجڻ لاءِ هڪ لحظه جي ملاقات ڪافي آهي. ڊگهي محبت ۽ پاڻ سڳورن سان ڪنهن غزوه ۾ شرڪت ضروري نه آهي. جيئن جو بعض سلف صالحين جي سامهون حضرت معاويه رضه ۽ عمر بن عبدالعزيزؒ جو ذڪر ڪيو ويو ته هي فرمايائون ته حضرت معاويه رضه جي بارگاه رسالت ۾ هڪ لحظه جي حاضري ۽ صحبت ۽ هڪ لمحه جي گذاريل ۽ مجلس عمر بن عبدالعزيز ۽ ان جي تمام اهل بيت کان گهڻي افضل آهي (فتح المغيث)

# تفريعات

صحابيءَ جي انهيءَ تعريف جي بنا تي انهن ماڻهن کي صحابي نه چئبو جن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي ڪفر جي حالت ۾ ڏٺو ۽ سندس وفات کان بعد اسلام قبول ڪيائون.

٢ انهن کي به صحابي نه چئبو جو حضرت ﷺ جي حياتيءَ ۾ غائبانه اسلام قبول ڪيو پر وفات کان پوءِ دفن ٿيڻ کان اڳ ۾ پاڻ سڳورن جي ديدار کان مشرف ٿيا. جيئن ابو ذويب خويلد بن خالد الهزلي.

٣ جن ماڻهن حضرت ﷺ جن کي اسلام جي حالت ۾ ڏٺو پوءِ مرتد ٿي ويا ۽ ڪفر تي ئي مئا انهن کي به صحابي نه چئبو. جيئن ابن خطل ۽ ربيعة بن اميه ۽ عبيدالله بن جحش. مگر جيڪي مرتد ٿيڻ کان پوءِ وري اسلام جي طرف موٽي آيا ۽ دوباره حضرت ﷺ جي زيارت کان اسلام جي حالت ۾ مشرف ٿيا اهي به بالاتفاق صحابي آهن. پر جيڪي ماڻهو حضرت ﷺ جي وفات کان بعد مرتد ٿيا ۽ پوءِ تائب ٿي اسلام ۾ داخل ٿيا جيئن قرة بن ميسره ۽ اشعث بن قيس انهن جي صحابي هجڻ ۾ اختلاف آهي. جمهور محدثن وٽ اهي صحابي آهن ۽ امام ابوحنيفه صاحب وٽ اهي صحابي نه آهن. ڇو ته مرتد ٿيڻ سان سڀ عمل ختم ٿي وڃن ٿا. جيئن قرآن ۾ آهي وَمَنْ يَكْفُرْ بِالْإِيمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهُ ۽ امام شافعي رحمة الله عليه جو به اهو ئي مسلڪ آهي. (ڪتاب الام)

٤ صحابيءَ هجڻ لاءِ بصري ۽ جسماني رؤيت شرط آهي ۽ روحاني رؤيت ڪافي نه آهي. تنهن ڪري جن نبين معراج جي رات ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي ڏٺو انهن کي صحابي نه چئبو ڇو ته اها رؤيت روحاني هئي پر صرف مسيح بن مريم صلي الله عليه وسلم جي رؤيت جسماني هئي

ڇو ته اهو جسم عنصري سان زنده آسمان تي ڪنيو ويو آهي تنهن ڪري حضرت مسيح بن مريم کي صحابي چئي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري حافظ ذهبي تجريد الصحابه ۾ ۽ حافظ عسقلاني اصابه ۾ حضرت عيسىٰ بن مريم کي صحابا ۾ شمار ڪيو آهي. پوءِ جيڪڏهن ادريس عليه السلام جو جسم عنصري سان زنده آسمان تي کڄي وڃڻ جو قول اختيار ڪيو وڃي ته ان کي به صحابي چئبو ڇو ته انهيءَ قول جي ڪري ادريس عليه السلام به حضرت عيسىٰ بن مريم وانگر معراج جي رات رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم کي انهيءَ جسم عنصري سان وفات کان اڳ ڏٺو آهي اهڙيءَ طرح حضرت خضر ۽ حضرت الياس جي ملاقات حضرت ﷺ جن سان ثابت ٿي وڃي جيئن جو بعض روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي ٻئي حضرت به صحابا ۾ شمار ٿي سگهن ٿا.

٥ جن الله جي ولين ۽ عارفن جي ڪشفي ۽ روحاني طور تي حضرت ﷺ جن سان ملاقات ثابت ٿئي انهن کي صحابي نه چيو ويندو. ڇو ته صحابي هجڻ لاءِ جسماني حسي رؤيت (ديدار) شرط آهي. ڪشفي ۽ روحاني رؤيت صحابي هجڻ لاءِ ڪافي نه آهي.

٦ علامه آلوسي فرمايو آهي ته صحابي هجڻ لاءِ هن حياتي دينوي ۾ ڏسڻ شرط آهي جيڪا حياتي خرق عادت جي طور تي حاصل ٿئي ان ۾ ڏسڻ صحابي هجڻ لاءِ ڪافي نه آهي جيئن حضرت ﷺ جي والدين جو خلاف عادت دوباره زنده ٿي ڪري پاڻ ﷺ تي ايمان آڻڻ كذا في الاجوبة العراقية

٧ صحابي هجڻ لاءِ عقل ۽ بلوغ جي حالت ۾ ڏسڻ شرط نه آهي. جيئن امام حسن ۽ امام حسين ۽ عبدالله بن زبير ۽ اهي ٻار جيڪي حضرت جي زماني مبارڪ ۾ پيدا ٿيا ۽ تهنيڪ ۽ تبريڪ جي لاءِ خدمت ۾ حاضر ڪيا

ويا اهي سڀ صحابي آهن. حافظ عسقلاني فرمائيندو آهي ته صحابا ڪرام رضي الله عنهم جو هي طريقو هوندو هو جيڪو ٻار ڄمندو هو ان کي حضرت ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ڪندا هئا تان جو پاڻ سڳورا ڪارڪ چٻاڙي ڪري ٻار جي وات ۾ وجهندا هئا ۽ دعا ڪندا هئا ۽ ان جو نالو مقرر ڪندا هئا. جيئن جو صحيح مسلم ۾ حضرت عائشه رضه کان روايت آهي ته ٻار حضرت ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ڪيا ويندا هئا. مستدرڪ حاڪم ۾ عبدالرحمٰن بن عوف رضه کان روايت آهي ته ڪوئي ٻار اهڙو نه هيو جو ولادت کان بعد حضرت ﷺ جن جي خدمت ۾ آندو نه ويو هجي. ٻارن کي حضرت ﷺ جي خدمت ۾ آندو ويندو هو ۽ پاڻ سڳورا انهن لاءِ دعا ڪندا هئا. تنهن ڪري جيڪي ٻار حضرت ﷺ جي زماني مبارڪ ۾ پيدا ٿيا انهن جي متعلق غالب گمان هي آهي ته حضرت جن انهن کي ڏٺو آهي. محض غالب گمان جي بنا تي انهن کي صحابا ۾ شمار ڪيو ويو آهي. لهٰذا انهن جو شمار صحابا جي قسم ثاني ۾ هوندو.

٨ صحابي هجڻ لاءِ انسان شرط نه آهي. انسان هجي يا جن جنهن به ايمان جي حالت ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي ڏٺو آهي اهو صحابي آهي. نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جو جنن ۽ انسانن جي طرف مبعوث هجڻ بي شمار قرآن جي آيتن ۽ حديثن سان ثابت آهي. پوءِ جهڙيءَ طرح انسانن کي صحابي هجڻ جو شرف حاصل آهي. اهڙيءَ طرح جنن کي به اهو شرف حاصل آهي. انهيءَ ڪري حافظ عسقلاني وغيره کي جن جنن جو ڪنهن طريقي سان صحابي هجڻ معلوم ٿيو انهن کي صحابا ۾ ذڪر ڪيو آهي جيئن جو ارقم جني رضي الله تعالىٰ عنه.

ابن عباس رضه کان وَاِذْ صَرَفْنَآ اِلَيْكَ نَفَرًا مِّنَ الْجِنِّ يَسْتَمِعُوْنَ الْقُرْاٰنَ جي تفسير ۾ منقول آهي ته جيڪي جن رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم

١٠ صحابي هجڻ لاءِ آزاد يا عاقل يا بالغ يا مرد هجڻ شرط نه آهي. غلام ۽ آقا بالغ ۽ نابالغ مرد ۽ عورت سڀ صحابي ٿي سگهن ٿا.

---

اللّٰهم املأ قلوبنا من حبك وحب نبيك وحب اصحاب رسولك وامتنا على حبهم واحشرنا يوم القيٰمة في زمرتهم وارض عنهم وارض عنا معهم آمين يارب العالمين. الحمدلله حمدا كثيرا كما امر والصلوٰة والسلام على سيد البشر سيدنا ومولانا محمد ذي النور الانور وعلى آله وصحبه الى يوم المحشر.

الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ وڏي اهتمام سان جابجاءِ صحابا كرام رضي الله عنهم جا فضائل ۽ مناقب بيان فرمايا آهن ڪاٿي انهن جي سچائي ۽ اخلاص نيت جو ذڪر آهي ۽ ڪاٿي انهن جي سچي ۽ ڪامل مؤمن هجڻ جي شهادت آهي ۽ ڪاٿي انهن جي تقوىٰ طهارت خوف الاهي ۽ شوق جهاد جو ذڪر آهي ۽ ڪاٿي انهن جي پسنديده ۽ وارث جنت هجڻ جو اعلان آهي ۽ ڪاٿي دنيا جي سامهون انهن جي ايمان ۽ اخلاص کي نموني طور پيش ڪيو ويو آهي ۽ ڪاٿي انهن کي مبلّغ دين ۽ محافظ حق جي اعزاز سان نوازيو ويو آهي ۽ ڪاٿي اُمم سابقه ۽ اقوام سابقه تي فوقيت ۽ افضليت جو تاج انهن جي سر تي رکيو ويو آهي تنهن ڪري صحابا جي فضائل ۽ مناقب ۾ چند آيتون نموني طور تي پيش ڪجن ٿيون. والله يهدي من يشاء الى صراط مستقيم

## آيت ١

| | |
|---|---|
| لَقَدْ مَنَّ اللهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ إِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ | بيشڪ الله مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو آهي جڏهن ته انهن ۾ سندن جنس |

سُوْرَةُ آلِ عِمْرَانَ مدني آهي

آهي. غير مشترڪ مضمون هي آهي ته پهرين آيت ۾ ارشاد آهي ته اي صحابا تو هان دوزخ جي کڏ جي ڪناري تي هئا. خدا تو هان کي ان کان نجات ڏني- ٻي آيت ۾ ارشاد آهي ته اي نبي تنهنجي مدد لاءِ اهي مؤمن ڪافي آهن جيڪي تنهنجا تابعدار ٿي چڪا آهن. انهن ٻنهي مضمونن جي تصديق صحابا جي مخالفن جي مذهب جي مطابق ناممڪن آهي. هن ڪري ته ٽن صحابن جي مؤمن ۽ خليفه برحق نه هجڻ جي ڪري سڀ صحابا کي سواءِ ڇهن پنجن ڄڻن جي منافق ۽ مرتد مڃڻو پوندو تنهن ڪري اهي دوزخ کان نجات لهندڙ نه ٿيا يا هيئن چئجي خدا جنهن جي نجات لڌل هجڻ جي خبر ڏني اهو منافق ۽ مرتد نه ٿو ٿي سگهي پيو نه جڏهن سڀ صحابا کي مرتد قرار ڏنو ويو منافق مڃيو ويو ته چار پنج شخص نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي مدد لاءِ ڪڏهن به ڪافي نه ٿا ٿي سگهن. ۽ حضرت علي رض اڪيلو جيڪڏهن مدد لاءِ ڪافي هجي ها ته حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي يار و مددگار هجڻ جي ڪري حضرت صديق رض جي هٿ ٿي بيعت ڇو ڪن ها. صحابا جي مخالفن جو هڪ عجيب مذهب آهي ڪڏهن ته اهي حضرت علي رض کي ايڏو ته وڏو پهلوان ۽ طاقتور ظاهر ڪندا آهن جو معلوم ٿيندو آهي ته ساري دنيا جي مقابلي لاءِ اهو اڪيلو ڪافي هو ۽ ڪڏهن ته اهڙو ڪمزور ۽ مغلوب بڻائيندا آهن جو اهو ڪجهه به ڪري نه سگهندو هو ۽ انهيءَ جي خلافت کسي وئي ۽ سارو دين تباهه ڪيو ويو پر هو ڪجهه به ڪري نه سگهيو.

## آيت ع ٣

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَوْ يُطِيْعُكُمْ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ لَعَنِتُّمْ وَلٰكِنَّ

۽ ڄاڻو ته اوهان ۾ الله جو پيغمبر آهي جيڪڏهن گهڻن ڪمن ۾ هو اوهان جو چيو مڃيندو ته اوهين ڏکيا ٿيندؤ پر

صلى الله عليه وسلم حضرت حفصه رض سان ڪوئي راز بيان فرمايو. ان بيبيءَ اهو راز حضرت عائشه رض سان بيان ڪيو. پوءِ وحي جي ذريعي رازجي ظاهر ڪرڻ جي خبر ڏني وئي. حضرت جن حضرت حفصه رض کان پڇيو تنهن تي هي آيتون نازل ٿيون. اهارازجي ڳالهه ڪهڙي هئي ان ۾ روايتون مختلف آهن هڪ روايت ۾ آهي ته مخافير هڪ قسم جي ماکي آهي حضرت ان کي استعمال ڪندو هو ۽ ڪي حضرت جون بيبيون ان کي ناپسند ڪنديون هيون. حضرت حفصه رض کي حضور صلعم جن فرمايو ته آئنده مان انهيءَ ماکيءَ کي ڪڏهن به استعمال نه ڪندس. ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته حضرت حفصه رض جي گهر ۾ حضرت جن پنهنجي بيبيءَ حضرت ماريه قبطيه رض سان خلوت فرمائي اها ڳالهه حضرت حفصه رض کي ناگوار گذري ته حضور جن ان کي فرمايو ته مان ماريه رض کي پنهنجي مٿان حرام ڪري ڇڏيان ٿو. ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته حضرت حفصه رض سان هي راز بيان فرمايو هو ته مون کان بعد خليفو ابوبڪر رض هوندو ۽ ان کان بعد عمر بن الخطاب رض. انهن ٽنهي روايتن ۾ ڪوئي تعارض نه آهي ممڪن آهي ته اهي ٽئي ڳالهيون گڏجي پيش آيون هجن. اها روايت حضرت ابوبڪر رض صديق ۽ حضرت عمر فاروق رض جي خلافت جي سُنن ۽ شيعن جي ڪتابن ۾ متعدد سندن سان نقل ڪئي وئي آهي. جيئن جو اهل سنت جي ڪتابن جا چند حوالا ڏجن ٿا. ازالة الخفا مقصد اول ص ٣٠ ۾ آهي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ وَاللهِ اِنَّ اِمَارَةَ اَبِيْ بَكْرٍ وَّعُمَرَ لَفِيْ كِتَابِ اللهِ قَالَ اللهُ تَعَالٰى: وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ

ابن عباس رض کان روايت آهي اهو چوندو هو ته خدا جو قسم ابوبڪر رض ۽ عمر رض جي خلافت جو ذڪر الله جي ڪتاب ۾ آهي ڏسو الله تعالىٰ فرمايو آهي ته وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ

وَعَنْ مَيْمُوْنِ بْنِ مِهْرَانَ
فِيْ قَوْلِهٖ وَ اِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ
اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا
قَالَ اَسَرَّ اِلَيْهَا اَنَّ اَبَابَكْرٍ
خَلِيْفَتِيْ مِنْ بَعْدِيْ وَعَنْ
حَبِيْبِ بْنِ اَبِيْ ثَابِتٍ وَ اِذْ
اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ
حَدِيْثًا. قَالَ اَخْبَرَ عَائِشَةَ
اَنَّ اَبَاهَا الْخَلِيْفَةُ مِنْ
بَعْدِيْ وَمِنْ بَعْدِ اَبِيْهَا اَبَاهَا
وَعَنِ الضَّحَّاكِ فِيْ قَوْلِهٖ وَ
اِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ
حَدِيْثًا قَالَ اِلٰى حَفْصَةَ بِنْتِ
عُمَرَ اِنَّ الْخَلِيْفَةَ مِنْ بَعْدِهٖ
اَبُوْبَكْرٍ وَمِنْ بَعْدِ اَبِيْ بَكْرٍ
عُمَرُ وَ مُجَاهِدٍ فِيْ قَوْلِهٖ
عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَ اَعْرَضَ عَنْ
بَعْضٍ. قَالَ الَّذِيْ عَرَّفَ اَمْرَ
مَارِيَةَ وَ اَعْرَضَ عَنْ قَوْلِهٖ
اَنَّ اَبَاكِ وَاَبَاهَا يَلِيَانِ
النَّاسَ مِنْ بَعْدِيْ مَخَافَةَ
اَنْ يَّفْشُوَ.

۽ ميمون بن مهران کان وَاِذْ
اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا جي
تفسير ۾ منقول آهي ته حضورؐ جن فرمايو
هو ته ابوبڪرؓ مون کان بعد خليفو هوندو.
۽ حبيب بن ابي ثابت کان وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ
اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا جي تفسير ۾
منقول آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم
حضرت عائشهؓ کي خبر ڏني هئي ته
تنهنجو والد مون کان بعد خليفو ٿيندو
۽ ان کان بعد حفصهؓ جو والد ۽ ضحاڪ
کان وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ
حَدِيْثًا جي تفسير ۾ منقول آهي ته حضورؐ
جن حضرت حفصه بنت عمرؓ سان فرمايو
هو ته مون کان بعد حضرت ابوبڪرؓ خليفو
ٿيندو ۽ ابوبڪرؓ کان بعد عمرؓ ۽
مجاهد کان عَرَّفَ بعضه و اعرض عن
بعض جي تفسير ۾ منقول آهي ته جنهن
ڳالهه تي پاڻ باز پرس ڪئي اهو ماريه
جو معاملو هو ۽ جنهن ڳالهه کان چشم
پوشي ڪئي اهو هي هيو جو اي حفصهؓ
تنهنجو والد ۽ عائشهؓ جو والد مون
کان بعد خليفا هوندا. ۽ هي چشم پوشي

Scanned with CamScanner

لاءِ ڪئي ته ڳالهه زياده مشهور نه ٿئي.

شيعن جي ڪتابن ۾ انهن جي سڀ کان زياده معتبر تفسير قمي مطبوعه ايران ص ٣٥٤ ۾ آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم حضرت حفصه رض کي چيو

| | |
|---|---|
| إِنَّ أَبَا بَكْرٍ يَلِي الْخِلَافَةَ بَعْدِي ثُمَّ مِنْ بَعْدِهِ أَبُوكِ فَقَالَتْ مَنْ أَخْبَرَكَ بِهٰذَا قَالَ اللّٰهُ أَخْبَرَنِي. | ته تحقيق ابوبڪر رض خلافت جو والي ٿيندو مون کان بعد. ان کان بعد تنهنجو والد. حضرت حفصه رض عرض ڪيو ته اوهان کي هي خبر ڪنهن ڏني حضور ص فرمايو مون کي الله خبر ڏني. |

انهيءَ روايت مان معلوم ٿيو ته شيخين جي خلافت جي خبر رسول الله صلى الله عليه وسلم اڳ ۾ ڏئي ڇڏي هئي ۽ اها خبر پنهنجي بيبي مطهره کي خوش ڪرڻ لاءِ ٻڌائي هئي. ۽ هي نه ٿو ٿي سگهي ته ڪنهن ناجائز شيءِ جي خبر ٻڌائي ڪري پنهنجي بيبيءَ کي خوش ڪن. ۽ هي به معلوم ٿيو ته جڏهن مشيت الاهي جو حال معلوم ٿي چڪو ۽ خدا حضور ص کي خبر ڏئي چڪو ته مون کان بعد شيخين خليفا هوندا ته هي ممڪن نه ٿو ٿي سگهي جو حضور ص حضرت علي رض جي خلافت جي متعلق ڪوئي ارشاد فرمايو هجي. جيتريقدر روايتون شيعن جي ڪتابن ۾ آهن. اهي سڀ جون سڀ جعلي آهن.

**نوٽ :-** انهن آيتن ۾ الله تعالىٰ حضرت ص جي بيبين کي نصيحت فرمائي آهي ۽ تعليمي طرز ۾ انهن تي عتاب ڪيو آهي ۽ توبه جو حڪم ڏنو آهي ۽ صحابا جا مخالف ان تي ڏاڍا خوش ٿيندا آهن ۽ حضرت حفصه رض ۽ حضرت عائشه رض جي برائي ثابت ڪرڻ لاءِ هن آيت کي پيش ڪندا آهن. ان جي جواب ۾ پهرين ڳالهه هي آهي. جيڪڏهن انهيءَ قسم جي تعليمي ڳالهين سان طعنو قائم ٿي سگهي ٿو ته پوءِ انهيءَ قرآن سان نبين جي مذمت به ثابت

تي سگهندي. خصوصاً سيد الانبياءِ صلى الله عليه وسلم جي متعلق فرمايو
ويو آهي. لِمَ تُحَرِّمُ مَا اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ يعني اي پيغمبر
جنهن شيءِ کي الله تو لاءِ حلال ڪيو آهي سا ڇو تون حرام ڪرين. پنهنجي
زالن جو راضپو گهرين ٿو. هڪ ٻيءَ جاءِ تي ايندو آهي. وَ تَخْشَى النَّاسَ
وَ اللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشَاهُ يعني ماڻهن کان ڊڄين پيو. حالانڪ الله هن ڳالهه جو
وڌيڪ حقدار آهي جو ان کان ڊڄين. ٻي ڳالهه هي آهي ته مخالف صحابا جا
جنهن لفظ تي زياده ڪڏندا آهن. يعني فَقَدْ صَغَتْ قُلُوْبُكُمَا انهيءَ لفظ سان
ٻيبين سڳورن جو مرتبو به ثابت ٿئي ٿو. انهيءَ لفظ کان صاف ظاهر آهي ته
انهيءَ راز جي ظاهر ڪرڻ جي ڪري انهن جي دلين لاڙو ڪيو هو، ان کان اڳ
لڙيل نه هيون. حالانڪ صحابا جي مخالفن جو مذهب آهي ته صحابا اول
کان ئي منافق هئا، انهن جون دليون اول کان ئي نفاق جي ڪري لڙيل هيون
(معاذ الله من ذالك) انهيءَ لفظ سان انهن جي نفاق جي نفي اهڙي ته
واضح آهي جنهن جو انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. باقي رهيو دل جو لڙي وڃڻ
اها ڪا ئي اهڙي وڏي ڳالهه نه آهي. خود رسول الله صلى الله عليه وسلم جي متعلق
قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي. وَلَوْلَا اَنْ ثَبَّتْنٰكَ لَقَدْ كِدْتَّ تَرْكَنُ اِلَيْهِمْ شَيْئًا قَلِيْلًا.
يعني ۽ جيڪڏهن اسين توکي (پنهنجي ڳالهه تي) پختو نه رکون ها ته ويجهو هو
جو بيشڪ انهن ڏانهن ڪجھ ٿورو ئي لڙي پوين ها. انهن آيتن ۾ ٻيبن سڳورن
کي توبه جو حڪم ڏنو ويو آهي هيئن ته هر توبه جي قبول فرمائڻ جو واعدو آهي
مگر جنهن کي خصوصيت سان توبه جو حڪم ڏنو ويو آهي انهيءَ جي توبه قبول
هجڻ ۾ ته ڪوئي شڪ ئي نه ٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري توبه ڪندڙن جا فضائل
جيڪي قرآن مجيد ۾ ذڪر ٿيل آهن انهن لاءِ اهي ثابت هوندا. هاڻي رهي هي
ڳالهه ته ڪيئن معلوم ٿئي ته انهن توبه ڪئي يا نه. انهيءَ جو ثبوت به قرآن

## حديث ١٢

حضرت عبدالله کان روايت آهي ته فرمايو رسول الله صلى الله عليه وسلم

وَلَوْ كُنْتُ مُتَّخِذًا خَلِيْلًا لَاتَّخَذْتُ اِبْنَ اَبِيْ قُحَافَةَ خَلِيْلًا وَاِنَّ صَاحِبَكُمْ لَخَلِيْلُ اللهِ ۔
(الترمذي باب مناقب ابي بكر ص ٢٢٥ ج ٢)

جيڪڏهن مان ڪنهن کي دوست بڻايان ها ته ابن ابي قحافه يعني حضرت ابوبڪر ؓ کي دوست بڻايان ها. بيشڪ توهان جو ساٿي الله جو دوست آهي

## حديث ١٣

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا لِاَحَدٍ عِنْدَنَا يَدٌ اِلَّا وَقَدْ كَافَيْنَاهُ مَا خَلَا اَبَا بَكْرٍ فَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا يَدًا يُكَافِئُهُ اللهُ بِهَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَمَا نَفَعَنِيْ مَالُ اَحَدٍ قَطُّ مَا نَفَعَنِيْ مَالُ اَبِيْ بَكْرٍ (رواه الترمذي مشكوٰة باب مناقب ابي بكر ص ٥٥٥ ج ٢)

حضرت ابوهريره ؓ کان روايت آهي فرمايو رسول الله صلى الله عليه وسلم مون تي ڪنهن جو احسان نه آهي جنهن جو بدلو مون ڏنو نه هجي سواءِ حضرت ابي بڪر ؓ جي. ان جو مون تي احسان آهي جنهن جو بدلو ڪيس قيامت ۾ الله تعالى ڏيندو. مون کي ڪنهن جي مال نفعو نه ڏنو جيترو حضرت ابوبڪر ؓ جي مال ڏنو. حديث نمبر 3661

نوٽ: يعني ابوبڪر ؓ کان سواءِ مون تي ڪنهن جو احسان باقي نه آهي.

## حديث ١٤

عَنْ حُذَيْفَةَ قَالَ كُنَّا جُلُوْسًا عِنْدَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ اِنِّيْ لَا اَدْرِيْ مَا بَقَائِيْ

حضرت حذيفه ؓ فرمائي ٿو ته اسان حضور جن جي خدمت ۾ ويٺا هئاسين پاڻ فرمايائون ته آئون نٿو ڄاڻان

اَعْطَيْتُ فَضْلِيْ عُمَرَ بْنَ الْخَطَّابِ قَالُوْا فَمَا اَوَّلْتَهٗ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ قَالَ الْعِلْمَ مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (مشكوٰة باب مناقب عمر ص ٥٥٧)

کي ڏنم. ماڻهن چيو ته اوهان ان جو تعبير فرمايو؟ فرمايائون ته علم.

## حديث ع ٣١

عَنْ اَنَسٍ اَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ دَخَلْتُ الْجَنَّةَ فَاِذَا اَنَا بِقَصْرٍ مِّنْ ذَهَبٍ فَقُلْتُ لِمَنْ هٰذَا الْقَصْرُ قَالُوْا لِشَابٍّ مِّنْ قُرَيْشٍ فَظَنَنْتُ اَنِّيْ اَنَا هُوَ فَقُلْتُ وَمَنْ هُوَ فَقَالُوْا عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ۔ رواه الترمذی باب مناقب ابي حفص عمر بن الخطاب ص ٢٣١ ج ٢

حضرت انس رض کان روايت آهي فرمايو رسول الله صلی الله عليه وسلم ته مان سون جو هڪ محل ڏٺو پڇيم ته ڪنهن جو آهي جواب ڏنو ويو ته هڪ قريشي نوجوان جو. مان خيال ڪيو ته اهو مان ئي آهيان پوءِ پڇيم ته اهو ڪير آهي جواب ڏنو ويو ته اهو عمر رض بن خطاب آهي.

## حديث ع ٣٢

عَنْ طَلْحَةَ بْنِ عُبَيْدِ اللّٰهِ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِكُلِّ نَبِيٍّ رَفِيْقٌ وَّرَفِيْقِيْ يَعْنِيْ فِي الْجَنَّةِ عُثْمَانُ۔ رواه الترمذی (مشكوٰة باب مناقب عثمان ص ٥٦١ ج ٢)

حضرت طلحه بن عبيد الله کان روايت آهي فرمايو رسول الله صلی الله عليه وسلم هر نبيءَ جو ڪوئي نه ڪوئي رفيق آهي ۽ جنت ۾ منهنجو رفيق حضرت عثمان آهي.

## حديث ع ٣٣

عَنْ اَنَسٍ قَالَ لَمَّا اَمَرَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِبَيْعَةِ الرِّضْوَانِ كَانَ عُثْمَانُ رَسُوْلَ رَسُوْلِ اللّٰهِ

حضرت انس بن مالڪ رض کان روايت آهي ته رسول الله صلی الله عليه وسلم جڏهن بيعت الرضوان جو حڪم ڏنو ته حضرت

فَجَاءَ رَجُلٌ فَاسْتَفْتَحَ فَقَالَ
النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِفْتَحْ
لَهٗ وَبَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ فَفَتَحْتُ لَهٗ
فَاِذَا اَبُوْبَكْرٍ فَبَشَّرْتُه بِمَا قَالَ
رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ
فَحَمِدَ اللّٰهَ ثُمَّ جَاءَ رَجُلٌ
فَاسْتَفْتَحَ فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ
عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِفْتَحْ لَهٗ وَبَشِّرْهُ
بِالْجَنَّةِ فَفَتَحْتُ فَاِذَا عُمَرُ فَاَ
خْبَرْتُهٗ بِمَا قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ
عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَحَمِدَ اللّٰهَ ثُمَّ
اسْتَفْتَحَ رَجُلٌ فَقَالَ لِيْ اِفْتَحْ
لَهٗ وَبَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ عَلٰى بَلْوٰى
تُصِيْبُهٗ فَاِذَا عُثْمَانُ فَاَخْبَرْتُهٗ
بِمَا قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ
فَحَمِدَ اللّٰهَ ثُمَّ قَالَ اللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ

متفق عليه (مشكواة باب
مناقب هؤلاءِ الثلثة ص ٥٦٣ ج ٢)

سان گڏ هيس. جو هڪ شخص آيو ان
دروازي جي کولڻ لاءِ چيو تنهن تي حضور
صلى الله عليه وسلم فرمايو ته دروازو کوليو
۽ ان کي جنت جي خوشخبري ڏيو. پوءِ
مان دروازو کوليو ۽ ڏٺو جو اهو حضرت
ابوبڪر رض هو ان کي رسول الله صلى الله
عليه وسلم جي چوڻ مطابق خوشخبري
ڏنائين انهن الله جو شڪر ادا ڪيو. پوءِ
هڪ شخص ٻيو آيو ۽ ان دروازي کولڻ
لاءِ چيو تنهن تي حضور صلعم فرمايو
دروازو کوليو ۽ ان کي جنت جي خوشخبري
ڏيو پوءِ مان دروازو کوليو ۽ ڏٺو جو
اهو حضرت عمر رض هو ان کي به رسول الله
صلعم جي چوڻ مطابق خوشخبري ڏنائين
انهن الله جو شڪر ادا ڪيو پوءِ هڪ
ٻيو شخص آيو ۽ دروازي کولڻ لاءِ چيو
تنهن تي حضور صلعم فرمايو دروازو کوليو
۽ ان کي جنت جي خوشخبري ڏيو هڪ
مصيبت تي جو ان کي پهچندي اهو عثمان رض
هيو ان کي به رسول الله صلعم جي چوڻ مطابق
خوشخبري ڏنائين انهن الله جو شڪر ادا ڪيو
۽ چيو الله ئي منهنجو مددگار آهي.

Scanned with CamScanner

ظاهر ٿئي ٿو ته مهاجرن مان جو به خليفو ٿيندو ان جي خلافت راشده هوندي جيئن جو حضرت علي رضه به مهاجرن مان هيو تنهنڪري ان جي خلافت به راشده ٿي ويندي. لهٰذا معلوم ٿيو ته خلافت نبوت حضرت عثمان رضه تي ختم ٿي جو خلافت راشده جو اعلىٰ قسم آهي جنهن کي حضرت ولي الله محدث دهلوي جي اصطلاح ۾ راشده خاصه چوندا آهن.

## حديث ٣٩

عَنِ ابْنِ بُرَيْدَةَ عَنْ اَبِيْهِ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِنَّ اللهَ اَمَرَنِىْ بِحُبِّ اَرْبَعَةٍ وَ اَخْبَرَنِىْ اَنَّهٗ يُحِبُّهُمْ قِيْلَ يَا رَسُوْلَ اللهِ سَمِّهِمْ لَنَا قَالَ عَلِيٌّ مِّنْهُمْ يَقُوْلُ ذَالِكَ ثَلَاثًا وَاَبُوْذَرٍ وَالْمِقْدَادُ وَسَلْمَانُ وَاَمَرَنِىْ بِحُبِّهِمْ وَاَخْبَرَنِىْ اَنَّهٗ يُحِبُّهُمْ

رواه الترمذى باب مناقب على بن ابى طالب ص ٢٣٥ ج ٢

حضرت ابن بريده رضه پنهنجي والد کان روايت ڪندو آهي ته فرمايو رسول الله صلى الله عليه وسلم ته مون کي الله تعالىٰ چئن شخصن سان محبت رکڻ جو حڪم ڪيو آهي. پڇيو ويو ته يارسول الله انهن جا نالا به ڏسيو حضور جن فرمايو علي رضه انهن مان آهي اهو ڪلمون ٽي دفعه چيائون ۽ حضرت ابوذر رضه ۽ حضرت مقداد رضه ۽ حضرت سلمان رضه. الله تعالىٰ انهن سان محبت رکڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ مون کي هي به خبر ڏنائين ته پاڻ الله به انهن سان محبت رکندو آهي.

**نوٽ:** الله سائين عليءَ سان محبت رکندو آهي.

## حديث ٤٠

عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ اٰخٰى رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَيْنَ اَصْحَابِهٖ

حضرت ابن عمر رضه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم بن بن

فَجَاءَ عَلِيٌّ وَعَيْنَاهُ تَدْرِفَانِ
فَقَالَ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ اٰخَيْتَ بَيْنَ
اَصْحَابِكَ وَلَمْ تُوَاخِ بَيْنِيْ وَبَيْنَ
اَحَدٍ فَقَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ
اَنْتَ اَخِيْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ۔
رواه الترمذی (مشکوٰۃ باب مناقب
علی بن ابی طالب ص ٥٦٤ ج ٢)

صحابن جي وچ ۾ ڀائيچارو
قائم ڪيو. حضرت علي رضه آيو انجي
اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ چيائين
اي الله جا رسول توهان پنهنجن صحابن
جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم ڪيو ۽ منهنجي
۽ ڪنهن ٻئي جي وچ ۾ ڀائيچارو ڪونه
فرمايو تنهن تي رسول الله صلى الله عليه وسلم
فرمايو تہ تون دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو ڀاءُ آهين.

**نوٽ:** تون دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو ڀاءُ آهين.

## حديث ٤١

عَنْ سَعْدِ بْنِ اَبِيْ وَقَّاصٍ قَالَ قَالَ
رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ
لِعَلِيٍّ اَنْتَ مِنِّيْ بِمَنْزِلَةِ هَارُوْنَ
مِنْ مُوْسٰى اِلَّا اَنَّهٗ لَا نَبِيَّ بَعْدِيْ
متفق علیه (مشکوٰۃ باب مناقب
علی بن ابی طالب ص ٥٦٣ ج ٢)

حضرت سعد بن ابي وقاص کان روايت
آهي فرمايو رسول الله صلى الله عليه وسلم
حضرت علي کي تہ تون منهنجي طرف کان
انهي مرتبي تي آهين جنهن مرتبي تي
هارون موسىٰ عليه السلام جي طرف کان
هيو يعني قرب مرتبي ۾ ۽ دين جي ڪم ۾
مددگار هجڻ ۾ مگر ڳالهہ هي آهي جو مون
کان بعد ڪوئي نبي نہ هوندو يعني هارون
نبي هو ۽ تون نبي نہ آهين.

## حديث ٤٢

عَنْ زِرِّ بْنِ حُبَيْشٍ قَالَ قَالَ عَلِيٌّ
رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وَالَّذِيْ فَلَقَ الْحَبَّةَ

حضرت زرّ رضي الله عنه کان روايت آهي
تہ فرمايو حضرت علي رضه قسم آهي ان

رَسُوْلُ اللّٰهِ فِيْ عَيْنَيْهِ فَبَرَأَ حَتّٰى كَاَنْ لَمْ يَكُنْ بِهٖ وَجْعٌ فَاَعْطَاهُ الرَّايَةَ.
متفق عليه (مشكوٰة باب مناقب علی بن ابی طالب ص٥٦٣ ج ٢)

تڏهن رسول الله صلعم ان جي اکين ۾ لعاب وڌو ته اکيون چڱيون ڀليون ٿي پيون گويا انهن جون اکيون اٿيون ئي ڪونه هيون پوءِ پاڻ حضرتؐ جن ان کي جهنڊو ڏنو.

## حديث ع ٤٤

عَنْ عِمْرَانَ بْنِ حُصَيْنٍ اَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ اِنَّ عَلِيًّا مِنِّيْ وَاَنَا مِنْهُ وَهُوَ وَلِيُّ كُلِّ مُؤْمِنٍ
رواه الترمذي مشكوٰة باب مناقب علی بن ابی طالب ص٥٦٤ ج٢

حضرت عمران بن حصين کان روايت آهي نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم فرمايو ته علي منهنجو آهي ۽ مان عليءَ جو آهيان ۽ اهو هر مؤمن جو محبوب آهي.

نوٽ:- يعني عليءَ جي مون سان نسب ۾ ڪمال شرڪت آهي.

## حديث ع ٤٥

عَنْ عَلِيٍّ قَالَ كُنْتُ اِذَا سَاَلْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَعْطَانِيْ وَاِذَا سَكَتُّ ابْتَدَاَنِيْ.
رواه الترمذی (مشكوٰة باب مناقب علی بن ابی طالب ص٥٦٤ ج ٢

حضرت عليؓ چوندو آهي جڏهن مان رسول الله صلی الله عليه وسلم کان ڪجھ گهرندو هيس ته مون کي ڏيندا هئا. ۽ جڏهن چپ رهندو هيس ته بغير گهر جي ڏيندا هئا.

## حديث ع ٤٦

عَنْ اُمِّ عَطِيَّةَ قَالَتْ بَعَثَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جَيْشًا فِيْهِمْ عَلِيٌّ قَالَتْ سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ رَافِعٌ يَدَيْهِ

ام عطيه کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جن هڪ لشڪر موڪليو جنهن ۾ حضرت علي به هو. ته مون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جن کي هٿ کڻندي

Scanned with CamScanner

مُفْرِطٌ يُقَرِّظُنِیْ بِمَا لَیْسَ فِیَّ وَ مُبْغِضٌ یَحْمِلُهٗ شَنَاٰنِیْ عَلٰی اَنْ یَّبْهَتَنِیْ. رواه احمد. (مشکوٰة باب مناقب علی بن ابی طالب ص٥٦٥ ج ٢)

ٻن قسمن جا ماڻهو هلاڪ ٿيندا. هڪ محبت ۾ حد کان زياده غلو ڪندڙ جو منهنجي اهڙي تعريف ڪندا جو مون ۾ نه آهي ٻيو بغض رکندڙ جو منهنجي عداوت ان کي منهنجي مٿان بهتان ٻڌڻ تي آماده ڪندي.

## حديث ٤٩

قَالَ جَابِرُ بْنُ عَبْدِ اللّٰهِ سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ یَقُوْلُ مَنْ سَرَّهٗ اَنْ یَّنْظُرَ اِلٰی شَهِیْدٍ یَّمْشِیْ عَلٰی وَجْهِ الْاَرْضِ فَلْیَنْظُرْ اِلٰی طَلْحَةَ بْنِ عُبَیْدِ اللّٰهِ رواه الترمذی مشکوٰة باب مناقب

حضرت جابرؓ کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه و سلم جنهن شخص کي هي ڳالهه خوش ڪري جو ڪنهن شهيد کي ڏسي جو زمين تي گهمي رهيو آهي ته ان کي گهرجي جو طلحه بن عبيد الله کي ڏسي العشرة ص٥٦٦ ج ٢)

## حديث ٥٠

عَنْ جَابِرٍ قَالَ قَالَ النَّبِیُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ اِنَّ لِکُلِّ نَبِیٍّ حَوَارِیًّا وَحَوَارِیَّ الزُّبَیْرُ متفق علیه (باب مناقب العشرة ص٥٦٥ ج ٢)

حضرت جابرؓ کان روايت آهي فرمايو رسول الله صلى الله عليه وسلم هر نبيءَ لاءِ ڪجهه مددگار هوندا آهن منهنجو مددگار زبيرؓ آهي.

## حديث ٥١

عَنْ سَعْدِ بْنِ اَبِیْ وَقَّاصٍ اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ قَالَ اَللّٰهُمَّ اِسْتَجِبْ

حضرت سعد بن ابي وقاصؓ کان روايت آهي فرمايو رسول الله صلى الله عليه وسلم اي الله سعد جي دعا

Scanned with CamScanner

لِسَعْدٍ إِذَا دَعَاكَ رَوَاهُ الترمذی (مشکوٰۃ ص٥٦٦ ج ٢)

قبول فرماءِ جڏهن به اهو توکان دعا گهري.

## حديث ٥٢

عَنْ اَبِیْ هُرَیْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ نِعْمَ الرَّجُلُ اَبُوْ بَكْرٍ نِعْمَ الرَّجُلُ عُمَرُ نِعْمَ الرَّجُلُ اَبُوْ عُبَیْدَةَ بْنُ الْجَرَّاحِ (رواه الترمذی ص٢٤٠ ج ٢)

حضرت ابوهريرهؓ کان روايت آهي فرمايو رسول الله صلی الله عليه وسلم ته حضرت ابوبکرؓ ۽ حضرت عمرؓ ۽ حضرت ابوعبيده بن الجراح ڀلا آدمي آهن.

## حديث ٥٣

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلْعَبَّاسِ وَوَلَدِهٖ مَغْفِرَةً ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً رواه الترمذی (مشکوٰۃ ص٥٧٠ ج ٢)

حضرت ابن عباسؓ کان روايت آهي فرمايو رسول الله صلی الله عليه وسلم اي الله حضرت عباسؓ ۽ انجي اولاد جي ظاهري ۽ باطني لغزشين جي مغفرت فرماءِ

## حديث ٥٤

عَنْ اَبِیْ سَعِیْدٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ اَلْحَسَنُ وَالْحُسَیْنُ سَیِّدَا شَبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ (رواه الترمذی مشکوٰۃ ص٥٧٠ ج ٢)

حضرت ابو سعيدؓ کان روايت آهي فرمايو رسول الله صلی الله عليه وسلم ته حضرت حسنؓ ۽ حضرت حسينؓ جنت جي نوجوانن جا سردار آهن

## حديث ٥٥

عَنْ اَبِیْ مُوْسٰی قَالَ مَا اَشْكَلَ عَلَیْنَا اَصْحَابَ رَسُوْلِ اللهِ

حضرت ابوموسیٰ اشعريؓ کان روايت فرمايائين ته اسان کي ڪڏهن ڪا ئي

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَدِيْثٌ قَطُّ فَسَأَلْنَا عَائِشَةَ اِلَّا وَجَدْنَا عِنْدَهَا مِنْهُ عِلْمًا رَوَاهُ الترمذی (مشكوٰة ص۵۲۴ ج ۲

اهڙي مشڪل ڳالهه پيش نه آئي جنهن کي اسان حضرت عائشه رض کان پڇيو هجي ۽ ان وٽ ان جي متعلق ڪجهه معلومات نه ملي هجي.

## حديث ۵۶

عَنْ مُوسٰى بْنِ طَلْحَةَ قَالَ مَا رَأَيْتُ اَحَدًا اَفْصَحَ مِنْ عَائِشَةَ رواه الترمذی (مشكوٰة ص۵۲۴ ج۲)

حضرت موسیٰ بن طلحه رض فرمايو آهي ته مان عائشه رض کان وڌ ڪوئي فصيح نه ڏٺو آهي.

## ح ۵۷

امام زهري تابعي فرمائيندو هو.

كَانَتْ عَائِشَةُ اَعْلَمَ النَّاسِ يَسْئَلُهَا الْاَكَابِرُ مِنْ اَصْحَابِ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

ته حضرت عائشه رض سڀ ماڻهن ۾ سيني کان وڏي عالم هئي وڏا وڏا اصحابي ان کان پڇندا هئا.

## ح ۵۸

امام زهري رض فرمائيندو هو.

لَوْ جُمِعَ عِلْمُ النَّاسِ كُلِّهِمْ وَ عِلْمُ اَزْوَاجِ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَكَانَتْ عَائِشَةُ اَوْسَعَهُمْ عِلْمًا

جيڪڏهن تمام ماڻهن جو ۽ اُمهات المؤمنين جو علم هڪ جاءِ ڪٺو ڪيو وڃي ته حضرت عائشه رض جو علم ان کان وسيع هوندو.

## ح ۵۹

عروه بن زبير فرمائيندو هو.

مَا رَأَيْتُ اَحَدًا اَعْلَمَ بِالْقُرْاٰنِ

ته قرآن-فرائض-حلال ۽ حرام-فقه-

وَلَا بِفَرِيْضَةٍ وَّلَا بِحَلَالٍ وَّلَا بِفِقْهٍ وَّلَا بِشِعْرٍ وَّلَا بِطِبٍّ وَّلَا بِحَدِيْثِ الْعَرَبِ وَلَا نَسَبٍ مِّنْ عَائِشَةَ

شاعري طب عرب جي تاريخ ۽ نسب جو عالم عائشه رضه کان وڌ مان ڪنهن کي نه ڏٺو.

هي هيا ارشادات نبوي هاڻي فضائل ۽ مناقب صحابا رضي الله عنهم جا ڪتب شيعه مان ملاحظ فرمائيندا وَالْفَضْلُ مَا شَهِدَتْ بِهِ الْاَعْدَاءُ

ع ا

اِنَّ اللهَ تَعَالٰى اَوْحٰى اِلَيْهِ يَا مُحَمَّدُ اَنَّ الْعَلِىَّ الْاَعْلٰى يَقْرَأُ عَلَيْكَ السَّلَامَ وَيَقُوْلُ لَكَ اِنَّ اَبَا جَهْلٍ وَالْمَلَاَمِنْ قُرَيْشٍ قَدْ دَبَّرُوْا يُرِيْدُوْنَ قَتْلَكَ اِلٰى اَنْ قَالَ وَاَمَرَكَ اَنْ تَسْتَحِبَّ اَبَا بَكْرٍ فَاِنَّهٗ اِنْ اٰنَسَكَ وَسَاعَدَكَ وَ اٰزَرَكَ وَثَبَتَ عَلٰى تَعَاهُدِكَ وَتَعَاقُدِكَ كَانَ فِى الْجَنَّةِ كَانَ مِنْ رُفَقَائِكَ وَفِىْ غُرَفَاتِهَا مِنْ خُلَصَائِكَ اِلٰى اَنْ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِاَبِىْ بَكْرٍ رَضِيْتَ اَنْ تَكُوْنَ مَعِىَ يَا اَبَا بَكْرٍ. اُطْلَبُ وَتُعْرَفُ بِاَنَّكَ اَنْتَ الَّذِىْ تَحَمَّلَنِىْ عَلٰى مَا اَدَّعِيْهِ

امام عليه السلام جي ڪلام جو خلاصو هي آهي. جبريل ؑ رسول الله ﷺ تي وحي آندي ۽ چيائين الله تو تي سلام چوندو آهي ۽ فرمائيندو آهي ته ابوجهل ۽ قريش جي جماعت تنهنجي قتل ڪرڻ جي تدبير ڪئي آهي ۽ اڳتي هلي چوي ٿو ۽ خدا تو کي حڪم ڏنو آهي ته ابوبڪر رضه کي پنهنجو رفيق سفر بڻايو. جيڪڏهن اهو موافقت ڪندو ۽ پنهنجي عهد تي رهيو ته جنت ۾ تو سان هوندو پوءِ حضور ﷺ ابوبڪر رضه جي طرف متوجه ٿيو ۽ چيائين اي ابوبڪر رضه تون راضي آهين جو هن سفر ۾ منهنجو ساٿي ٿئين ۽ قريش جا ڪافر جيئن منهنجي قتل ڪرڻ لاءِ منهنجي تلاش ڪندا ايئن تنهنجي قتل ڪرڻ جي تلاش ۾ رهندا ۽ هن

فَتَحْمَلُ عَنِّىْ اَنْوَاعَ الْعَذَابِ
قَالَ اَبُوْ بَكْرٍ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ!
اَمَّا اَنَا لَوْ عِشْتُ عُمُرَ
الدُّنْيَا اُعَذَّبُ فِىْ جَمِيْعِهَا
اَشَدَّ عَذَابٍ لَّا يَنْزِلُ عَلَىَّ
مَوْتٌ فَرِيْحٌ وَّلَا فَرَحٌ مَّنِيْحٌ
وَكَانَ ذَالِكَ فِىْ مَحَبَّتِكَ
لَكَانَ ذَالِكَ اَحَبَّ اِلَىَّ اَنْ اَتَنَعَّمَ فِيْهَا
وَ اَنَا مَالِكٌ لِجَمِيْعِ مَمَالِكَ
لِمُلُوْكِهَا فِىْ مُخَالَفَتِكَ مَا اَهْلِىْ
وَوَلَدِىْ اِلَّا فِدَاءُكَ فَقَالَ رَسُوْلُ
اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَاجَرَمَ
اَنْ اِطَّلَعَ اللّٰهُ عَلٰى قَلْبِكَ وَوَجَدَ
مَافِيْهِ مُوَافِقًا لِّمَا جَرٰى عَلٰى
لِسَانِكَ جَعَلَكَ مِنِّىْ بِمَنْزِلَةِ
السَّمْعِ وَالْبَصَرِ وَالرَّاسِ وَالْجَسَدِ وَبِمَنْزِلَةِ
الرُّوْحِ مِنَ الْبَدَنِ الخ انتهىٰ
مُلخصًا (تفسير حسن عسكري ص ٢٣١)

ڳالهه جي تشريح ٿئي ته تون ئي مون کي
ان ڳالهه تي آماده ڪيو آهي. ۽ منهنجي
رفاقت جي ڪري تو تي قسمين قسمين
جون تڪليفون پهچنديون. ابوبڪرؓ چيو
اي خدا جا رسول مان ته اهو شخص آهيان
جيڪڏهن مون کي تنهنجي محبّت ۾ عمر ڀر
به تڪليفون پهچنديون رهن نه مران ۽
نه آرام لهان ته منهنجي نزديڪ هن ڪان
بهتر آهي جو توهان کي ڇڏي ڪري دنيا
جي شهنشاهي قبول ڪريان. منهنجي
جان مال ۽ اهل عيال سڀ اوهان تي
قربان هجن. اوهان کي ڇڏي ڪاڏي وڃان
هي پڌي ڪري رسول الله صلى الله عليه
وسلم فرمايو بيشڪ الله تنهنجي دل
تي مطلع ٿيو ۽ تنهنجي دل کي تنهنجي
زبان جي موافق لڌو ۽ توکي منهنجي
سمع ۽ بصر جي منزل ڪيو ۽ توکي مون
سان اها نسبت آهي جيئن مٿي کي جسم
سان ۽ روح کي بدن سان.

---

نوٽ :- حضرت امام عسڪري جي روايت مان هيٺيون ڳالهيون نڪرن ٿيون
1 هجرت جي سفر ۾ ابوبڪر صديقؓ جو رسول الله صلعم لاءِ رفيق هجڻ
الله تعالىٰ جي خاص حڪم سان عمل ۾ آيو. جنهن مان معلوم ٿيو ته علم

نوٽ: حضرت عليؓ انهيءَ عبارت ۾ هيٺين ڳالهين ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

١ ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ اسلام ۾ سڀ ماڻهن کان افضل آهن ٢ اسلام جا خير خواه هئا ٣ اسلام ۾ انهن جو درجو بلند هو ٤ ٻئي برحق خليفا هئا.

٥ ابوبڪرؓ صديق هو ٦ عمر بن الخطاب فاروق هو.

## ٩

حَدَّثَنِیْ اَبِیْ عَنْ بَعْضِ رِجَالِهٖ رَفَعَهٗ اِلٰی اَبِیْ عَبْدِ اللّٰهِ عَلَيْهِ السَّلَامُ قَالَ لَمَّا كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِی الْغَارِ قَالَ لِاَبِیْ بَكْرٍ كَاَنِّیْ اَنْظُرُ اِلٰی سَفِيْنَةِ جَعْفَرٍ وَّاَصْحَابِهٖ تَقُوْمُ فِی الْبَحْرِ وَاَنْظُرُ اِلَی الْاَنْصَارِ مُخْتَبِئِيْنَ فِیْ اَفْنِيَتِهِمْ فَقَالَ اَبُوْ بَكْرٍ تَرَاهُمْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ! فَقَالَ نَعَمْ قَالَ فَاَرِنِيْهِمْ فَمَسَحَ عَلٰی عَيْنَيْهِ فَرَاٰهُمْ فَقَالَ لَهٗ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَنْتَ الصِّدِّيْقُ.

(تفسير قمي ص ١٥٧)

راوي چوي ٿو ته مون کي پنهنجي پيءُ چيو انهيءَ ڪجهه ماڻهن کان ٻڌو جن امام جعفر صادقؓ تائين روايت پهچائي امام فرمايو جڏهن رسول اللهؐ غار ۾ هيو ان وقت ابوبڪرؓ کي فرمايائين ته مان جعفرؓ ۽ ان جي ساٿين جي ٻيڙيءَ کي ڏسي رهيو آهيان جو درياءَ ۾ بيٺي آهي ۽ مان انصارن کي به ڏسي رهيو آهيان جيڪي پنهنجي گهرن ۾ ويٺا آهن. ابوبڪرؓ عرض ڪيو يا رسول الله اوهان انهن کي ڏسي رهيا آهيو. حضورؐ فرمايو هائو مان انهن کي ڏسي رهيو آهيان. ابوبڪرؓ عرض ڪيو يا رسول الله مون کي به ڏيکاريو حضورؐ ابوبڪرؓ جي اکين تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيريو ته انهيءَ به انهن کي ڏٺو پوءِ رسول الله صلی الله عليه وسلم ابوبڪرؓ کي فرمايو تون

صديق آهين.

ع۹۰

ثُمَّ اِنَّ الْمُسْلِمِیْنَ مِنْ م بَعْدِہٖ اِسْتَخْلَفُوْا اَمِیْرَیْنِ مِنْهُمْ صَالِحَیْنِ فَعَمِلَا بِالْکِتَابِ وَ السُّنَّةِ وَ اَحْسَنَا السِّیْرَةَ وَ لَمْ یَعْدُوَا السُّنَّةَ ثُمَّ تُوُفِّیَا رَحِمَهُمَا اللّٰهُ تَعَالٰی (حدیدی شرح نهج البلاغة جلد پهريون جزء ڇهون ص ٢٩٥)

حضرت عليؓ فرمايو ته رسول الله صلى الله عليه وسلم کان بعد سيني مسلمانن ٻن بزرگن کي خليفو مقرر کيو جو نهايت نيڪ ڪردار هئا. پوءِ انهن ٻنهن قرآن ۽ حديث تي عمل ڪيو ۽ طرز حکومت کي بهترين خوبصورت بڻايو ۽ رسولﷺ جي طريقي کان ذرو برابر به نه تجاوز ڪيائون ان کان پوءِ فوت ٿي ويا. الله جي انهن ٻنهن تي رحمت نازل هجي.

حضرت عليؓ انهيءَ ڪلام ۾ ڇهن ڳالهين جو اقرار ڪيو آهي.

١ سيني مانهن حضرت ابو بڪرؓ کي خليفو چونڊيو. مطلب ته اجماع ڪامل هو.

٢ حضرت ابوبڪرؓ نيڪ ڪردار هو.

٣ حضرت ابوبڪرؓ قرآن ۽ حديث تي عمل ڪيو ۽ عمل تڏهن ٿي سگهندو آهي جڏهن علم هجي پوءِ ان فقره ۾ حضرت عليؓ حضرت ابوبڪرؓ جي قرآن ۽ حديث جي عالم هجڻ جو اقرار ڪيو.

٤ صديقي طرز حکومت نهايت بهترين هئي پوءِ جيڪي ان تي اعتراض ڪندا آهن اهي حضرت عليؓ جي خلاف ڪندا آهن.

٥ صديق اڪبرؓ سنت کان ذرو به تجاوز نه ڪيو پوءِ جيڪي چوندا آهن ته حضرت عمرؓ جي وفات کان بعد حضرت عليؓ شيخين جي سيرت تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪيو اهو بلڪل غلط آهي.

ع ۱۱

ثُمَّ اسْتَخْلَفَ النَّاسُ
اَبَا بَكْرٍ ثُمَّ اسْتَخْلَفَ
اَبُوْبَكْرٍ عُمَرَ وَ اَحْسَنَا
السِّيْرَةَ وَعَدَلَا فِی الْاُمَّةِ.
(ناسخ التواریخ جلد ٹیون ڪتاب ٻيو ص ۲۴۱)

حضرت عليؓ فرمايو آهي پوءِ ماڻهن ابوبڪرؓ کي خليفو چونڊيو. ان کان بعد ابوبڪرؓ عمرؓ کي خليفو مقرر ڪيو انهن ٻنهن طرح حڪومت کي نهايت سٺو بڻايو ۽ امت ۾ انصاف ۽ عدل قائم ڪيو.

ع ۱۲

وَقَالَ عَلِیٌّ وَّالزُّبَيْرُ مَا
غَضِبْنَا اِلَّا فِی الْمَشْوَرَةِ وَ
اِنَّا لَنَرٰی اَبَا بَكْرٍ اَحَقَّ
النَّاسِ بِهَا اِنَّهٗ لَصَاحِبُ
الْغَارِ وَ ثَانِیَ اثْنَيْنِ وَ اِنَّا
لَنَعْرِفُ لَهٗ سِنَّهٗ وَ لَقَدْ اَمَرَهٗ
رَسُوْلُ اللّٰهِ بِالصَّلٰوةِ وَهُوَ حَیٌّ
(حديدي شرح نهج البلاغة جلد
پهريون جزء ڇهون ص ۲۹۳)

حضرت عليؓ ۽ حضرت زبيرؓ فرمايو اسان جي رنجش محض مشوري جي ڪري هئي. ۽ اسان يقيني ڄاڻندا آهيون ته ابوبڪرؓ سڀ کان زياده خلافت جو حقدار آهي. هن ڪري جو هو صاحب غار ۽ ثَانِیَ اثْنَيْنِ آهي. يقيناً اهو عمر ۾ به وڏو آهي ۽ هي ڳالهه به ثابت آهي ته رسول اللهؐ پنهنجي حياتيءَ ۾ ان کي نماز پڙهائڻ جو حڪم ڏنو هو.

**نوٽ:** هن حديث مان انهن جي ناراضگي جو سبب معلوم ٿي ويو. جيئن جو بعض روايات ۾ آيو آهي ۽ جنهن کي بعضي ماڻهو وڏي زور ۽ شور سان عوام ۾ بيان ڪندا آهن ۽ دعویٰ ڪندا آهن ته انهن جي ناراضگي جو سبب پنهنجو حقدار هجڻ خلافت جو هو. الحمد لله جو پاڻ حضرت عليؓ ان کي بيان فرمايو جو اسان جي ناراضگي هن واسطي نه هئي جو اسان حقدار خلافت جا هياسي ۽ حضرت ابوبڪرؓ خلافت جو اهل نه هو. پر ان جو سبب صرف هي هيو جو بغير

بِحَقِّهٖ رَحَلَ وَ تَرَكَهُمْ فِيْ طُرُقٍ مُّتَشَعِّبَةٍ لَا يَهْتَدِيْ فِيْهَا الضَّالُّ وَلَا يَسْتَيْقِنُ الْمُهْتَدِيْ.

(نهج البلاغة ص ٤٨٥ ج ١)

ٿي گذريو. نيڪيءَ کي لڏائين ۽ شر ۽ فساد کان ڀڄي ويو. هليو ويو. خدا جي بندگيءَ جو حق ادا ڪيائين. پرهيزگاري جيئن کهڻجي اختيار ڪيائين. فوت ٿيو ۽ ماڻهن کي دشوار رستن ۾ ڇڏي ويو جو گمراه کي رستو نٿو ملي ۽ راهه لهندڙ يقين نٿو ڪري

نوٽ :- نهج البلاغة جي شارح علامه ڪمال الدين ابن ميثم بحرانيءَ لکيو آهي ته لفظ فلان کان حضرت ابوبڪر رض ۽ حضرت عمر رض مراد آهن.

## شعر

ثانیٔ اثنین ہے اللہ کا شیدائی | جس نے پہلوئے احمد میں جگہ پائی

یا تو اوصاف صدیق کا اقرار کرو | ورنہ لازم ہے کہ قرآن کا انکار کرو

## ٢١

حضرت علي رض حضرت عثمان کي ساراهيندي فرمائي ٿو:

اَنْتَ اَقْرَبُ اِلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَ شِيْجَةَ رَحِمٍ مِّنْهُمَا وَ قَدْ نِلْتَ مِنْ صِهْرِهٖ مَالَمْ يَنَالَا

نهج البلاغة ص ٣٢٢ (طبع ايران)

عثمان! تون رسول الله صلى الله عليه وسلم سان مائٽيءَ جي ڪري ابوبڪر رض ۽ عمر رض کان وڌيڪ ويجهو آهين. تون رسول الله جي ڄاڻي هجڻ جي شرف کي پهتو آهين ۽ اهي ٻئي ڄاڻا نه آهن.

## ع ٢٢

ان جي شرح ۾ شيعه عالم شيخ محمد عبدهٗ لکي ٿو:

لِاَنَّهٗ تَزَوَّجَ بِنْتَيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رُقَيَّةَ وَ اُمَّ كَلْثُوْمَ تُوُفِّيَتِ الْاُوْلٰى فَزَوَّجَهُ النَّبِيُّ بِالثَّانِيَةِ وَلِذَا سُمِّيَ ذَا النُّوْرَيْنِ وَغَايَةَ مَا نَالَ الْخَلِيْفَتَانِ اَنَّ النَّبِيَّ تَزَوَّجَ مِنْ بَنَاتِهِمَا.

(حاشيه نهج البلاغه ص ٣٢٣)

ڇو ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جون ٻه نياڻيون رقيه رضه ۽ امِ ڪلثوم رضه حضرت عثمان جي نڪاح ۾ آيون آهن. هڪ فوت ٿي ويئي ته پوءِ نبي ڪريم جن ڪين ٻيءَ سان شادي ڪرائي ڇڏي، تنهن ڪري ٿي ذی النورين يعني ٻن نورن وارو سڏجي ٿو. ابوبڪر رضه ۽ عمر رضه ٻئي خليفا ان شرف تي نه پهتا. سندن نياڻيون حضرت عائشه ۽ حضرت حفصه نبيءَ جي نڪاح ۾ آيل آهن.

وَ اٰخِرُ دَعْوَانَا اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ

تَمَّ الْجُزْءُ الرَّابِعُ بِعَوْنِهٖ تَعَالٰى.

Scanned with CamScanner

انا العبد الاحقر ابو خالد محمود حقانی العاقلی تولداً النوحانی نسباً والحسینی مشرباً والدیوبندی تلمذاً بانی جامعہ اسلامیہ اشاعۃ القرآن والحدیث شارع دود ائی لارکانہ السند۔

---

اَللّٰهُمَّ اَرِنَا الْحَقَّ حَقًّا وَّارْزُقْنَا اِتِّبَاعَهٗ وَاَرِنَا الْبَاطِلَ بَاطِلًا وَّارْزُقْنَا اِجْتِنَابَهٗ ۔ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ خَاتِمَةَ اَمْرِیْ مَعَ الْاِیْمَانِ وَاحْشُرْنِیْ فِیْ زُمْرَةِ جُمْلَةِ الصّٰلِحِیْنَ اَجْمَعِیْنَ وَاَرْجُوْ مِنَ النّٰاظِرِیْنَ اَنْ لَّا یَنْسُوْنِیْ مِنَ الدَّعَوَاتِ الْمُسْتَجَابَاتِ فِیْ اَکْثَرِ الْاَوْقَاتِ لِحُسْنِ الْخَاتِمَةِ فِی الدُّنْیَا وَرَفْعِ الدَّرَجَاتِ فِی الْعُقْبٰی

---

بماند سالہا ایں نظم و ترتیب ؎ زما ہر ذرہ خاک افتادہ جائے
غرض نقشیت کز ما یاد ماند ؎ کہ ہستی را نمی بینم بقائے
مگر صاحبدلے روزے برحمت ؎ کند در کار درویشاں دعائے

## اشعار در مدح خلفائے راشدین رضوان اللہ علیہم اجمعین

ابوبکرؓ یارِ غار عمرؓ میر دُرّہ دار ؎ عثمانؓ شہسوار علیؓ فاتح لشکر است
ابوبکرؓ جان ما و عمرؓ دیدگان ما ؎ عثمانؓ زبان ما و علیؓ تاج برسر است
ابوبکرؓ ہمچو کعبہ عمرؓ چوں طواف است ؎ عثمانؓ آب زمزم، علیؓ حج اکبر است
ابوبکرؓ سلسبیل عمرؓ جوئے زنجبیل ؎ عثمانؓ شہد شیر علیؓ حوض کوثر است
ابوبکرؓ چوں درخت عمرؓ شاخ آن درخت ؎ عثمانؓ برگ سبز علیؓ میوہ برسر است
ابوبکرؓ چوں چراغ عمرؓ روغن چراغ ؎ عثمانؓ چوں فتیلہ علیؓ شعلہ انور است

Scanned with CamScanner

# اشعار توحید باری تعالیٰ

## اللہ ایک ہے۔

اے نبی کہہ دے علی الاعلان اللہ ایک ہے  
اس کے قبضہ میں ہے سب کی جان اللہ ایک ہے

کہہ رہا ہے صاف یہ قرآن اللہ ایک ہے  
ہر زماں ہر وقت ہر اک آن اللہ ایک ہے

وحدت یکتائی میں اس کا نہیں کوئی نظیر  
قادر و قیوم ہے ہر طرح وہ ربّ قدیر

اسکی اک اعلیٰ صفت یہ ہے، کہ وہ ہے بے نیاز  
اسکی کچھ حاجت نہیں اور وہ کا ہے وہ کارساز

اسکی بخشش کے ہیں دروازے ہر اک ہستی پہ باز  
بے طلب دیتا ہے روزی واہ رے ربّ بندہ نواز

فضل ربانی کے ہیں محتاج سب شاہ و گدا  
بے نیاز غیر ہے ہر لمحہ وہ ربّ العلا

وہ ہے زائندہ نہ زائیدہ نہیں کچھ اس میں شک  
اس کی ہے مخلوق کل جن و بشر حور و فلک

جتنی مخلوقات عالم ہیں زمیں سے تا فلک  
اسکی قدرت کے کرشمہ کی ہے سب ہی میں جھلک

ہے ضرورت کیا اسے اولاد کی اجداد کی  
کُن سے کی تخلیق اس نے عالم ایجاد کی

وہ ہے بے ہمتا نہیں اس سا کوئی بے قیل و قال  
اپنی شان قدس میں لاریب ہے وہ بے مثال

متّصف کل خوبیوں سے ہے وہ ذات ذوالجلال  
نام ہے اس کا ازل سے لم یزل اور لایزال

وہ اکیلا مالک و مختار کل عالم کا ہے  
کائنات رنگ و بو میں جلوہ اسکے دم کا ہے

پوءِ جيڪو اُٺندي ويهندي ڪنهن جو نالو وٺي ٿو، پري ۽ ويجهي کان اُن کي پڪاري ٿو، دشمن تي ان جو نالو وٺي حملو ڪري ٿو، اُن جي نالي جا ختم پڙهي ٿو يا اُن جي صورت جو خيال ٻڌي ٿو ۽ هن طرح سمجهي ٿو ته جڏهن مان اُن جو نالو وٺندو آهيان زبان سان يا دل سان يا اُن جي صورت يا ان جي قبر جو خيال ڪندو آهيان ته اُتي ان کي خبر پئجي ويندي آهي ۽ ان کان منهنجي ڪائي ڳالهه ڇپيل نه رهندي آهي ۽ مون تي جو ڪجهه گذرندو آهي جيئن بيماري ۽ تندرستي، ڪشادگي ۽ تنگي، مرڻ ۽ جيئڻ، غم ۽ خوشي سڀ جي ان کي هر وقت خبر آهي. جيڪا ڳالهه منهنجي وات مان نڪرندي آهي اهو سڀ ڪجهه ٻڌندو آهي. جو وهم ۽ خيال منهنجي دل ۾ پوندو آهي اهو سڀ کان واقف آهي اهڙو شخص مُشرڪ ٿيو جو اُن الله جي علم واري صفت ۾ ٻئي کي شريڪ ڪيائين.

شرڪ عبادت ۾ | يعني ڪم تعظيم جا الله تعاليٰ پنهنجي لاءِ خاص ڪيا آهن انهن کي عبادت چئبو آهي.

جيئن سجدو ۽ رڪوع، هٿ ٻڌي بيهڻ، اُن جي نالي تي مال خرچ ڪرڻ، ان جي نالي جو روزو رکڻ، اُن جي گهر جي طرف پري پري کان ارادو ڪري سفر ڪرڻ ۽ اهڙي صُورت بڻائي هلڻ جو هر ڪوئي سمجهي ته هي ماڻهو اُن جي گهر جي زيارت لاءِ وڃي رهيا آهن ۽ رستي ۾ اُن جي مالڪ جو بلند آواز سان نالو وٺڻ، گندين ڳالهيون نه ڪرڻ، شڪار ڪرڻ کان بچڻ، اِنهيءَ صورت سان وڃي ڪري طواف ڪرڻ، اُن جي گهر جي طرف سجدو ڪرڻ، اُن جي طرف جانور ڪاهي وڃڻ، اُتي پاسون پاسڻ، اُن تي غلاف وجهڻ، ان جي چانئٺ جي سامهون بيهي ڪري دُعا گهرڻ، زاري ڪرڻ، دين ۽ دنيا جون مُرادون گهرڻ، هڪ پٿر کي چمي ڏيڻ، ان جي پٽ سان پنهنجو منهن ۽ ڇاتي لائڻ، اُن جي غلاف کي پڪڙي ڪري دُعا گهرڻ، ان جي چوڌاري روشني ڪرڻ، ان جو مُجاور بڻجي ان جي خدمت ۾ مشغول رهڻ جيئن ٻهاري ڏيڻ، روشني ڪرڻ، فرش وڇائڻ، پاڻي پيئارڻ، وضوءِ ۽ غُسل جو ماڻهن لاءِ انتظام ڪرڻ، ان جي کوهه جي پاڻيءَ کي تبرڪ طور تي سمجهي ڪري پيئڻ

# كشفُ اللّثام

# عن مسئلة تقبيل الابهام

## عند سماع ذكر خير الأنام في الاذان

********

يعني بانگ ۾ حضور اكرم صلي الله عليه وسلم جن

جي نالي مبارك ٻڌڻ وقت

# آنگوٺن چمڻ جي شرعي حيثيت

********

تصنيف لطيف

محقق العصر استاد العلماء

## حضرت مولانا علي محمد حقاني

دامت بركاتهم العاليه

حضرت مولانا علي محمد حقاني

ناشر:

## المحمود اكيڊمي

جامعه اسلاميه اشاعت القرآن والحديث،

دودائي روڊ لاڙڪاڻو (سنڌ)

فون نمبر: 0741-440542

## توحيد جو ڪلمو

لاالٰہ الاالله محمد رسول الله

(ترجمو: الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي ۽ حضرت محمد ﷺ الله تعاليٰ جو رسول آهي.)

# ڪلمہ طيبہ جي حقيقت

تاليف لطيف

محقق العصر استاد العلماء

حضرت مولانا علي محمد صاحب حقاني

ناشر:

المحمود اڪيڊمي

جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث

دودائي روڊ لاڙڪاڻو (سنڌ)

فون نمبر: 0741-440542

Scanned with CamScanner

# فارسي ٻولي سکڻ لاءِ

پهلي فارسي، ڪريما، نام حق ۽ پندنامي جو پڙهڻ تمام ضروري آهي، ان ڪري ئي اهي ڪتابڙا ديني مدرسن جي نصاب ۾ شامل آهن، انهن ڪتابن جي ڏکين لفظن جي ترجمي ۽ فارسي سکڻ لاءِ آسان قاعدن تي مشتمل سنڌي ٻولي ۾ لکيل، استاد العلماءَ

حضرت مولانا
**علي محمد صاحب حقاني دامت برڪاتهم**

جي تصنيف

# معلم فارسي

ڪي هن وقت سنڌ جي اڪثر مدرسن ۾ باقائدي پڙهايو ٿو وڃي، اهو ڪتاب استادن ۽ طالب علمن لاءِ هڪ جهڙو مفيد آهي، خواهشمند استاد، شاگرد، مدرسا، ڪتاب گهر ۽ بڪ سيلر اهو ڪتاب

**جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث**

دودائي روڊ لاڙڪاڻي

ڪان رعايتي قيمت تي حاصل ڪري سگهن ٿا.

ڪتاب جا صفحا: ٻہ سو اٺ

Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فَاسئلوا اَهلَ الذِّكرِ اِن كُنتُم لاَ تَعلمون (القرآن)

سوال ڪريو (پڇو) علم وارن کان، جيڪڏهن توهان نہ ٿا ڄاڻو

هڪ هٿ سان مصافحي ڪرڻ، مٿو اگهاڙو ڪري نماز پڙهڻ، نماز ۾ ٽنگون ويڪريون ڪري بيهڻ ۽ ترڪ تقليد جي مسئلي تي هڪ سُني مسلمان ۽ هڪ غير مقلد جي وچ ۾ ٿيل بحث مباحثي جي دلچسپ روئداد

# تحفہ اهل حديث

مرتب: ابو بلال محمد اسماعيل محمدي

سنڌيڪار: ابو عبدالصمد مشتاق احمد جتوئي

ناشر: ڊاڪٽر خالد محمود سومرو

پاران

المحمود اڪيڊمي

جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث

دودائي روڊ لاڙڪاڻو (سنڌ) فون نمبر: ۴۴۰۰۵۴۲

Scanned with CamScanner

# نبوي نماز

## مدلل سنڌي

جا ٻئي ڀاڱا اوهان جي مطالعي لاءِ انتهائي ضروري آهن.

### پهرئين ڀاڱي ۾

نماز جي فرضيت، فضيلت ۽ حڪمت جي تذڪري سان گڏ طهارت ۽ پاڪائيءَ جا مسئلا بہ بيان ڪيا ويا آهن، وضو، غسل، اذان ۽ مسح جي بيان سان گڏ مختلف بدعتن جي ترديد ۾ قابل قدر مواد پڻ ڏنو ويو آهي ۽ رفع اليدين، قرائت خلف الامام ۽ آمين بالجهر جي مسئلن تي پڻ زبردست علمي تحقيق ڪئي وئي آهي.

### ٻئي ڀاڱي ۾

جماعت جي نماز، امامت جي احڪامات، عورتن جي نماز، سجده سهو، نماز وتر، نماز تراويح، نماز تهجد، عيدن جي نماز، باراني نماز، نماز حاجت، نماز استخاره، نماز توبہ، نماز تسبيح، مسافر جي نماز، نماز جنازه، جنازي کان بعد دعا گهرڻ جي شرعي حيثيت، قبرن تي قبا ٺاهڻ، اسقاط ۽ قران بخشائڻ ۽ قبرن تي ڏورن ڪهڻ جي مسئلن جي تفصيلي بيان سان گڏوگڏ مسنون دعائون، اسماءُ الله الحسنيٰ ۽ جمعي ۽ عيدن جا خطبا بہ شامل ڪيا ويا آهن.

Scanned with CamScanner